# ملڪ الموت جا واقعا

**13-July-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

13 جولاءِ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ملڪ الموت جا واقعا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... شيطان مردود جي موت
- ✿... ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام جي طاقت
- ✿... پياري آقا ﷺ جي ملڪ الموت سان ملاقات
- ✿... سڪرات جي وقت آساني ڏيارڻ وارا عمل

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ شيخ احمد ثابِت مَغربي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان پيٽ ڪان ٽيڪَ لڳائي قبلي رُخ تي ڪري درودِ پاڪ جي موضوع (Topic) تي مضمون لکي رهيو هيس، انهيءَ دوران مون کي ننڊ اچڻ لڳي. مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان هڪ ويران جڳهہ (Deserted Place) تي آهيان جتي ڪا عمارت ناهي ڪجهہ ماڻهو جامع مسجد جي دروازي تي موجود آهن ۽ باقي مسجد جي اندر، مان اندر ويس ۽ انهن جي وچ ۾ ويهي رهيس، اتي مون هڪ حَسين و جميل نوجوان کي ڏٺو، جنهن جي چهري تي نيڪ بختي جا آثار ظاهر هئا.

مون چيو: اوهان جو نالو ڇا آهي؟ ان چيو: منهنجو نالو رومان آهي، مان اللہ رَحمٰن جي ملائڪن مان آهيان. ان تي مون سوال ڪيو: تہ پوءِ اوهان ماڻهن ۾ ڇو آيا آهيو؟ فرمايائون: هي سڀئي ماڻهو نہ بلڪ ملائڪَ آهن.

مون عرض ڪيو: حُضور هي فرمايو تہ هنن ملائڪن ۾ ڪير ڪير آهن؟ فرمايائون: هنن ۾ حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام، حضرت ميڪائيل عَلَیۡہِ السَّلَام، حضرت اسرافيل عَلَیۡہِ السَّلَام ۽ حضرتِ عزرائيل (يعني مَلڪ الموت)عَلَیۡہِ السَّلَام آهن. مون عرض ڪيو: مان حضرت عزرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام جي زيارت ڪرڻ چاهيان ٿو. فوراً هڪ صاحب اٿيو، اهو بہ نهايت حسين ۽ جميل هو، فرمايائون: مان اللہ پاڪ جو ٻانهو عزرائيل آهيان. مون حضرت عزرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام کي عرض ڪيو: مان اللہ

پاڪ ۾ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ و واسطو ڏئي ڪري عرض ڪريان ٿو تہ اوهان منهنجو ساهہ ڪڍڻ وقت مون تي نرمي ڪجو. فرمايائون: رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو ڪر.[1]

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي مان خبر پئي تہ دُرودِ پاڪ پڙهڻ جون جتي بيون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، اتي الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ واري جو روح نڪرڻ وقت بہ آساني ٿيندي. جيڪڏهن دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي برڪت سان موت جي وقت روح جو جسم کان جُدا ٿيڻ ۾ نرمي ۽ آساني نصيب ٿي وڃي تہ يقين ڪيو هي نهايت سَستو سودو آهي، ان ڪان ڪڏهن بہ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي.

جان نکلے تو اس طرح نکلے
دل میں جلوے بسے ہوئے تیرے

تجھ پر اے غمزدوں کے یار درود
لب سے جاری ہو بار بار درود (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁

1 ... سعادة الدارين،الباب الرابع ،اللطيفة السادسة، صفحه:124 -125 ملتقطًا و ملخصاً.
2 ...ذوقِ نعت، صفحه:125 .
3 مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان مردود جو موت

حضرت احنف بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه سان ملاقات جي لاءِ مدينہ منوره حاضر ٿيس، مون اتي ڏٺو تہ اُتي ماڻهو حلقو ٺاهي ويٺا آهن ۽ حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه درس ڏئي رهيا آهن. ان وقت حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه هي واقعو ٻڌايو، فرمائڻ لڳا: جڏهن حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام جو آخري وقت آيو تہ ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام سندن وٽ حاضر ٿيو، ان وقت حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي الله ڪريم! شيطان منهنجو دشمن آهي، تو ان کي قيامت تائين جي لاءِ مهلت عطا فرمائي آهي، جڏهن اهو مون تي موت طاري ٿيندي ڏسندو تہ کلندو. الله پاڪ فرمايو: اي آدم! اوهان جنت ۾ تشريف کڻي ويندؤ جڏهن تہ اوهان جي دشمن شيطان کي هڪ مقرر وقت تائين هن دنيا ۾ رهڻو پوندو، جڏهن ان جي مهلت ختم ٿيندي تہ هُو اڳين پوين جي تڪليف جي برابر موت جي تڪليف برداشت ڪندو.

هاڻي حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام کان پڇيو: مون کي ٻڌايو! شيطان تي موت ڪيئن طاري ٿيندي؟ جڏهن حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام ڪيس شيطان مردود جي موت جي باري ۾ ٻڌايو تہ پاڻ چيائون: يعني اي الله ڪريم! مون کي هي ڪافي آهي مان هن تي راضي آهيان.

(حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه ايترو بيان ڪري خاموش ٿي ويا جڏهن تہ) ماڻهن تي دهشت طاري هئي، ڪنهن پڇيو: اي ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه الله پاڪ اوهان

تي رحم فرمائي شيطان تي موت ڪيئن طاري ٿيندي؟ حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پهريان تہ ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو، وري فرمايائون: جڏهن دنيا ختم ٿيڻ واري هوندي، صور ڦوڪيو وڃڻ جو وقت ويجهو هوندو، ان وقت ماڻهو بازار ۾ هوندا، ڪجھ ماڻهو پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هوندا، ڪجھ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هوندا، ڪجھ خريداري ۾ مصروف هوندا تہ اچانڪ زوردار ڌماڪي جهڙو آواز ايندو، ان کي ٻڌي ڪري ماڻهو بيهوش ٿي ڪِري پوندا پوءِ 3 ڏينهن تائين ڪين هوش نہ ايندو، باقي اڌ ماڻهن جي عقل ڪم ڇڏي ڏيندي ۽ هُو چريا ٿي ويندا.

اجا ماڻهو انهي حالت ۾ هوندا تہ زمين ۽ آسمان جي درميان بجلي ڪڙڪڻ جهڙو زوردار آواز گوجهندو، ان سان گڏ ئي دنيا فنا ٿي ويندي. هي اهو وقت آهي جنهن وقت تائين شيطان کي مهلت ڏني وئي آهي، هاڻي الله پاڪ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام کي حڪم ڏيندو: اي ملڪ الموت! مان اڳين پوين جي ڳڻپ برابر تنهنجا مددگار ناهيا، تو ۾ تمام زمين ۽ آسمان وارن جي طاقت رکي، اڄ توکي غضب جو لباس پارايو پيو وڃي، اڄ منهنجي غضب سان شيطان وٽ پڄو ۽ ان کي موت جو مزو چکايو ۽ اڄ تائين جيترن جنن ۽ انسانن تي موت جون تڪليفون طاري ٿيون آهن، انهن سڀني جي تڪليفن جي مجموعي کان بہ ڪيئي گناهہ وڌيڪ تڪليف ان مردود تي طاري ڪيو.

ان سان گڏوگڏ ئي جهنم جي داروغي کي جهنم جا درواز کولڻ جو حڪم ٿيندو، پوءِ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام اهڙي خوفناڪ شڪل ۽ صورت ۾ شيطان وٽ ايندا جو جيڪڏهن سندس شڪل و صورت کي زمين و آسمان وارا ڏسي وٺن تہ برف جيان پگهرجي وڃن. حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام شيطان کي ڇڙٻيندا، ان ڇڙٻڻ جو آواز اهڙو گرجدار هوندو جو جيڪڏهن اوير ۽ اولهہ وارا ان کي ٻڌي وٺن تہ انهن جا عقل ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين. هي هيبتناڪ منظر ڏسي ڪري شيطان ڀڄندو، حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام فرمائيندو: اي خبيث! بيهي رهہ! تو اڄ تائين جيترن کي گمراهہ ڪري جهنم ۾ پهچايو آهي، اڄ توکي انهن

سيني جي تڪليف جي برابر تڪليف ڏني ويندي. تو ڪيتري ڏگهي عمر ماڻي، ڪيترن کي گمراهه ڪيو، ڪيترن کي جهنم ۾ پچايو، اهي سيئي جهنم ۾ تنهنجو انتظار ڪري رهيا آهن، تنهنجي مهلت ختم ٿي، هاڻي پڄ ڪيستائين پڄندي.

ان وقت شيطان مردود کي پڄڻ جي ڪابہ جڳهہ نہ ملندي، هي چرين وانگي ڪڏهن اوپر جي طرف ويندو، ڪڏهن اولهه جي طرف پڄندو، ڪڏهن سمنڊ ۾ غوطا کائيندو پر جتي بہ پهچندو، حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام ان کي سامهون ئي ملندو. انهي طرح پڄندي ڊوڙندي حِضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام جي مزار تي پهچندو ۽ چوندو: اي آدم! مان تنهنجي ڪري مردود ٿيس، ڪاش! تون پيدائي نہ ٿيو هجي ها.

الله اڪبر ڪهڙو خبيث آهي! اهڙي حالت ۾ بہ پنهنجي گناهن جو الزام ٻين تي وجهي رهيو هوندو. خير! هاڻي هي پڄندو ڊوڙندو ان هنڌ ايندو جتي پهريون ڀيرو مردود ٿي زمين تي لٿو هيو، هتي زمين باهہ وانگر ٻري رهي هوندي، جهنمين کي هڪلڻ وارا ملائڪ ڪيس گهيري وٺندا ۽ ان کي ڪنڊيدار زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو، هاڻي جيستائين الله پاڪ چاهيندو هي سڪرات جي تڪليف ۾ مبتلا رهندو، پوءِ حضرت آدم ۽ حواء عَلَيهِمَاالسَّلَام کي اٿاري چيو ويندو: اي آدم! اي حوا! هي آهي توهان جو دشمن...!!! ڏسو ڪيئن عذاب ۾ گرفتار آهي، جڏهن هُو هن بدبخت مردود کي سڪرات جي حالت ۾ تڙپندي، تڪليف جي سبب تڙپندي ڏسندا تہ چوندا: رَبَّنَا قَدۡ اَتۡمَمۡتَ عَلَيۡنَا النِّعۡمَةَ اي اسان جا ربَّ!(اسان جي دشمن کي اهڙي سزا ڏئي ڪري) تو اسان تي پنهنجي نعمت مڪمل ڪري ڇڏي. آخر شيطان مردود تڙپي تڙپي ڪري موت جي حوالي ٿي ويندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! شيطان مردود جي ڪيتري قدر اَذيتناڪ موت ٿيندي، ڪهڙي هولناڪ سزائن ۾ مبتلا ٿيندو، هي تہ صرف سڪرات جي ڪيفيت جو بيان آهي، قيامت جي ڏينهن جهنم ۾ ان مردود کي جيڪا سزا ملندي، ان جو بيان ڪير تہ ڪري سگهي......؟ ڇاڻيو ٿا هن مردود کي هيءَ سزا

چو ملندي؟ ان جو اهڙو بڇڙو انجام ڇو ٿيندو؟ انهي ڪري جو ان بدبخت اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام جي گستاخي ڪئي، نبيءَ جي مقابلي ۾ تڪبر ڪيو، اللّٰه پاڪ جو نافرمان ٿيو، اللّٰه پاڪ جي حڪم جي سامهون ان مردود پنهنجي عقل جا گهوڙا ڊوڙايا، جنهن جي ڪري ذلت ۽ رسوائي سندس مقدر ٿي وئي.

آدم کو شرف ایسا مِلا، آدمی اَشرفِ خلق ہوا | ان کو خلیفہ حق نے کیا، تاجِ کرامت سر پہ رکھا
لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ اٰمَنَّا بِرَسُوۡلِ اللہ
واسطہ یہ اس نُور کا تھا، حضرتِ انساں قبلہ بنا | سارے فرشتوں نے سجدہ، پیشِ صفی اللہ کیا
لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ اٰمَنَّا بِرَسُوۡلِ اللہ
پاک گروہِ مقدّس کا، ایک علامہ مُعَلِّم تھا | قومِ جن سے تھا پیدا، تھا اسے غرّہ عبادت کا
لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ اٰمَنَّا بِرَسُوۡلِ اللہ
جب سجدہ کا حکم ہوا، سب نے کیا اس نے نہ کیا | اور متکبر نے یہ بکا، یہ مٹی میں انگارا
لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ اٰمَنَّا بِرَسُوۡلِ اللہ
اس کو آب و گِل سوجھا، منکر ہو کر شیطان بنا | جن کے سبب وہ حکم ہوا، اس نے وہ نُور نہیں دیکھا
لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ اٰمَنَّا بِرَسُوۡلِ اللہ (1)

**وضاحت:** اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام کي بلند مقام عطا فرمايو، پاڻ ۽ سندن اولاد کي اشرف المخلوقات (يعني سڀني مخلوق ۾ وڏيڪ عزت وارو) بڻايو، کين پنهنجو خليفو ڪيو، هي سيئي عنايتون ان نُور مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ مليون، جيڪو اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام جي پيشاني ۾ رکيو

1... سامان بخشش، صفحہ:44 ۔

هيو، انهيءَ نور جي برڪت هئي جو حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام کي تمام ملائڪن سجدو ڪيو، ملائڪن جي هن پاڪ جماعت ۾ شيطان بہ هيو، ان کي پنهنجي عبادت تي غرور هيو، جڏهن حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام کي سجدي جو حڪم ٿيو تہ سڀني ملائڪن سجدو ڪيو، شيطان نہ ڪيو، ان بدبخت تڪبر ڪيو، چيائين: مان باھ مان پيدا ٿيو آهيان، آدم مٽي مان ٺاھيو ويو آهي. هي بدبخت شيطان عقل کان انڌو هيو، ان کي هي تہ نظر آيو تہ حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام جو جسم مٽي مان ٺاھيو ويو آهي پر هي ڏسڻ نہ آيس تہ سندس پيشاني ۾ مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نور چمڪي رهيو آهي.

الله پاڪ اسان کي غرور ۽ تڪبر کان محفوظ فرمائي، هميشہ نيڪ ماڻهن جو، نبين، ولين جو باادب رکي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام الله پاڪ جو قرب رکڻ وارو بلند رتبہ ملائڪ آهي، سندن نالو: عزرائيل (يعني الله جو فرمانبردار). پاڻ روح قبض ڪرڻ تي مُقرر آهن ۽ ان ۾ ذري برابر بہ ڪوتاهي ناهن ڪندا، جڏهن جنهن جو آخري وقت اچي ويندو آهي، هڪ گهڙي جي بہ مهلت ناهن ڏيندا ۽ روح قبض ڪري وٺندا آهن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِیْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱﴾
(پارہ:21، سورۂ سجدہ:11)

ترجمو ڪنزالعرفان: تون فرمايو: توهان کي موت جو فرشتو وفات ڏيندو آهي جيڪو توهان تي مقرر آهي پوءِ توهان پنهنجي ربّ جي طرف واپس موٽايا ويندؤ.

علامہ قرطبي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: حضرت عزائيل عَلَيهِ السَّلَام ايترا تہ وڏا آهن جو سندن مٿو آسمان ۾ ۽ پير زمين تي آهن. سندن ڪيئي مددگار ملائڪ بہ آهن، جن جي تعداد اللّٰه پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. روايتن ۾ آهي: پين ملائڪن تي سندن رعب وينل آهي، ايستائين جو عرش اعظم کڻڻ وارا ملائڪ بہ جڏهن انهن کي ڏسندا آهن تہ گهڻو خوف زده ٿي ويندا آهن.[1] حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جي عمر تمام وڏي آهي، حضرت محمد بن ڪعب قُرَظي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: سڀني کان آخر ۾(يعني جڏهن زمين ۽ آسمان واري سڀجي مخلوق ايستائين جو حضرت جبرائيل ۽ ميڪائيل ۽ عرش کڻڻ وارا ملائڪ بہ موت جو ذائقو چکي وٺندا، ان وقت) حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام کي موت اچي ويندو، اللّٰه پاڪ ان کي فرمائيندو:يَامَلَكَ الْمَوْتِ مُتْ! اي موت جا ملائڪ! تون بہ مري وڃ. هي ٻڌي ڪري حضرت ملڪ الموتعَلَيهِ السَّلَام هڪ زوردار رڙ ڪندو ۽ وفات ڪري ويندو.[2]

## ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جي سگهہ

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام بي پناه طاقتن ڪان نوازو آهي. روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيرو اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام کان پڇيو: اي ملڪ الموت جڏهن زمين ۾ وباءَ پکڙجي هجي، ماڻهو مري رهيا هجن، انهيءَ حالت ۾ هڪ ماڻهو اولهہ ۾ آهي، هڪ اوڀر ۾ آهي، ان وقت اوهان ڇا ڪندا آهيو، (يعني انهن ٻنهي جي روح هڪ ئي هنڌ ڪيئن قبض ڪندا آهيو” حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام عرض ڪيو: مان اللّٰه پاڪ جي حڪم سان روحن کي سڏيندو آهيان تہ اهي منهنجي ٻن آڱرين جي وچ ۾ اچي ويندا آهن.“[3]

---

[1] ... التذكرة للقرطبى ،باب ما جاء ان للموت سكرات ...الخ،جز:1 ،صفحہ:19 ملتقطًا۔
[2] ... كتاب الاہوال ابن ابى دنيا، صفحہ:92، حديث: 58بتغير قليل
[3] ... احياء علوم الدين،كتاب ذكر الموت وما بعده، الباب الثالث ...الخ،جلد:4، صفحہ:565، ملتقطًا۔

هڪ ڀيري حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلام حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام کان پڇيو: ڇا هر جاندار جو روح اوهان ئي قبض ڪندا آهيو؟ عرض ڪيو: جي ها. فرمايائون: اوهان تہ هن وقت مون وٽ آهيو جڏهن تہ ماڻهو سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ دنيا منهنجي اختيار ۾ ڏئي ڇڏي آهي، هي منهنجي لاءِ ايئن ئي آهي جيئن اوهان جي سامهون هڪ ٿالهي رکي وڃي تہ اوهان ان مان جيڪو چاهيندا آهيو کڻندا آهيو، ايئن ئي مان دنيا جهان مان جهڙي طرح روح ڪڍڻ چاهيان ڪيي وٺندو آهيان.[1]

الله الله! پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي: حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام حاضر ۽ ناظر آهن يعني جتي بہ رهن، سڄي دنيا کي هر وقت پنهنجي سامهون ڏسندا آهن. ان مان اندازو لڳايو تہ جڏهن هڪ ملائڪ جو هيءُ حال آهي تہ ملائڪن جي بہ آقا، محبوبِ خدا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جو عالم ڇا هوندو.

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ملڪ الموت سان ملاقات

حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ معراج جي رات جڏهن آسمان جي سير فرمائي رهيا هئا، ان دوران چوٿين آسمان تي پاڻ هڪ ملائڪ کي وينل ڏٺائون، هڪ وڏي تختي ان جي سامهون رکيل هئي، ويجهو ئي هڪ وڏو وڻ هيو، جنهن جون ٽاريون اوپر کان اولهہ تائين پکڙيل هيون، اهو ملائڪ ان وڻ جي طرف غور سان ڏسي رهيو هيو. پياري آقا مکي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جبريل امين عَلَيهِ السَّلام کي فرمايو: هي ملائڪ ڪير آهي؟ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! هي لذتن کي مٽائڻ وارو، دوستن کي جدا ڪرڻ وارو، عورتن کي بيواهہ ڪرڻ وارو ۽ ٻارن کي يتيم بڻائڻ وارو، بلند محلن کي ويران ۽ قبرستان کي آباد ڪرڻ وارو يعني

[1] ... موسوعة ابن ابی الدنيا ، كتاب ذكر الموت ، ملک الموت واعوانہ ،جلد:5،صفحہ:469 ، حديث:246۔

ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيهِ السَّلام آهي.

پوءِ جبرايل اَمين عَلَيهِ السَّلام حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام کي چيو: اي عزرائيل(عَلَيهِ السَّلام)! هي اڳين پوين جا سردار، محبوبِ ربِّ غفار حضرت محمد مصطفي صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن. هي ٻُڌي ڪري حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام اٿيا، پياري آقا مڪي مدني مصطفي صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڳلي ملڻ جي سعادت ماڻي ۽ محبت ۾ سندن پيشاني چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهڻ جي درخواست ڪئي. پوءِ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا اِرادو رکو ٿا (يعني منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟) پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هيءَ جيڪا تختي اوهان جي سامهون آهي، هيءَ ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ سڀني مخلوق جا روح منهنجي قبضي ۾ ڏنا آهن، ان تختي تي انهن جي تفصيل لکيل آهي، ان جي ذريعي مان انهن جو حساب رکندو آهيان.

پياري آقا، محبوبِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: هي ايڏو وڏو وڻ ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: هن وڻ جا پن مخلوق جي تعداد جي برابر آهن. ڪوبہ انسان اهڙو ناهي جنهن جي نالي جو پن هن وڻ ۾ نہ هجي، جڏهن ڪو بيمار ٿيندو آهي تہ ان جي نالي جو پن پيلو ٿي ويندو آهي، ان سان مان ڄاڻي وٺندو آهيان تہ فلاڻو شخص بيمار آهي. پوءِ پاڻ هڪ پيالو ڏيکاري ڪري عرض ڪيو: جڏهن پن پيلو ٿيندو آهي تہ مان ان پيالي جو پاڻي ان تي ڇڙڪندو آهيان، جيڪڏهن پن پنهنجي اصل رنگت تي اچي وڃي تہ مطلب اهو انسان بيماري کان شفاء حاصل ڪندو، جيڪڏهن پن پهرين رنگت تي نہ اچي بلڪ ڪارو ٿي وڃي تہ مان سمجهندو آهيان تہ ان جي موت جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. مان ان پن کي ڏسندو رهندو آهيان، جڏهن اهو پن وڻ مان ڪرندو آهي تہ مطلب تہ ان جي موت جو وقت اچي ويو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو شخص نيڪ هجي تہ مان ان وٽ چڱي شڪل ۽ صورت ۾ ويندو آهيان ۽ ان جو روح قبض ڪري راحت ۽ خوشبو ۾ رکندو آهيان، جيڪڏهن اهو گنهگار هجي تہ ان وٽ خوفناڪ شڪل ۾ ويندو آهيان اهو مون کي ڏسي ڪري رڙيون ڪندو آهي: اي ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام

منهنجا گناهه وڏي ويا، منهنجو اعمال نامو گناهن کان سياهه ٿي ويو، افسوس! هاڻي رخصت جو وقت اچي ويو آهي، مون کي ڪجهه مهلت ڏيو! ته جيئن مان الله پاڪ جي حضور ڪجهه ڳوڙها ڳاڙيان، ٿورو وقت ڏيو ته مان گناهن کان توبه ڪيان. مان چوندو آهيان: ناممڪن...!! هيءَ ته اوهان جي بلڪل ناممڪن ڳالهه آهي. پوءِ مان ان جو روح قبض ڪري وٺندو آهيان.[1]

دِلا غافل نہ ہو یکدم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے
بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے

تُو اپنی موت کو مت بُھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اینٹوں کا سرہانا ہے

نہ بیلی ہو سکے بھائی، نہ بیٹا، باپ تے مائی
تُو کیوں پِھرتا ہے سودائی عمل نے کام آنا ہے

عزیزا! یاد کر جس دِن کہ عزرائیل آئیں گے
نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تُو نے جانا ہے

غُلام اِک دَم نہ کر غفلت، حیاتی پر نہ ہو غرّہ
خُدا کی یاد کر ہر دَم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪير موت کي گهڻو ياد رکي ٿو...؟

اي عاشقانِ رسول! هن عبرتناڪ روايت مان معلوم ٿيو: اسان مان هرهڪ جي موت جو وقت مقرر آهي، حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام هر وقت اسان جي طرف توجهه لڳائي وينا آهن، جڏهن جنهن جو وقت اچي وڃي، پوءِ هڪ لمحو به مهلت ناهن ڏيندا، يڪدم ان جو روح قبض ڪري وٺندا آهن.. افسوس! افسوس! اسان هن حقيقت کي ڄاڻيون ٿا، مڃون به ٿا پر ڄاڻي واڻي انجان بڻجون ٿا، غفلت ۾ پيل رهندا آهيون، ياد رکو! اسان موت کي ياد ڪيون يا نه ڪيون، اسان نيڪ اعمال ڪري تياري ڪيون يا نه ڪيون، موت بهرحال ايندي ۽ اچي ئي رهندي، حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام نه پهريان ڪنهن کي موت ڏني، نه اسان کي ڏيندا. لهٰذا عقلمند اهو آهي جيڪو زندگي ئي ۾ موت کي ياد رکي ۽ ان جي لاءِ

[1] ... سُلْوَةُ الْعَارِفِين،باب ذكر ملک الموت،جلد:2 ،صفحہ:212 - 215 ملتقطًا

تياري ڪندو رهي. سيپارو: 29، سورة مُلڪ، آيت: 2 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًاؕ (پارہ:29،سورۂ ملک:2) | ترجمو ڪنزالعرفان: (الله اهو آهي) جنهن موت ۽ زندگيءَ کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ڪري تہ توهان مان ڪير وڌيڪ سُٺا عملَ ڪرڻ وارو آهي. |

علماءِ ڪرام هن آيت جي هڪ معنيٰ هيءَ بڌائي آهي تہ الله پاڪ زندگي ۽ موت کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي جاچ ٿي تہ توهان مان ڪير موت کي ياد رکي ٿو ۽ ان جي لاءِ خوب تياري ڪري ٿو.؟[1]

## موت جي تياري ڪيو!

صحابيءِ رسول حضرت طارق محاربي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلم مون کي نصيحت ڪندي فرمايو: يَاطَارِقُ اِسْتَعِدَّ لِلْمَوْتِ قَبْلَ الْمَوْتِ يعني اي طارق! مرڻ کان پهريان موت جي تياري ڪري وٺ...!![2]

آخرت کی کرو جلد تیاریاں
موت آکر رہے گی تمھیں بے گماں

موت کا دیکھو اِعلان کرتا ہوا
سُوئے گورِ غریباں جنازہ چلا

کہتا ہے: جامِ ہستی کو جس نے پیا
وہ بھی میری طرح قبر میں جائے گا

تم اے بوڑھو سنو! نوجوانو سنو!
اے ضَعیفو سنو! پہلوانو سنو!

موت کو ہر گھڑی سر پہ جانو سُنو!
جلد توبہ کرو میری مانو سنو!

بھائیو! سب گناہوں سے مُنہ موڑ دو
ناتا تم نیکیوں ہی سے بس جوڑ دو

ایک دِن موت آکر رہے گی ضرور
اس کو تم مجر مو! کچھ سمجھنا نہ دُور (3)

---

1 ... شُعَبُ الْاِيمان،باب:فی الزہد و قصر الامل،جلد:7 ، صفحہ: 408 ملتقطًا.
2 ... معجمِ کبیر ، جلد:4 ، صفحہ: 391،حدیث:8099 ـ
3 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:654 ملتقطًا ـ

## ڊڄو...!! واپس وَرڻ واري ڏينهن کان

سيپارو: 3، سورة بقرة، آيت: 281 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ (پارہ:3،سورۃ بقرہ:281) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله پاڪ جي طرف موٽايا ويندؤ. |

هڪ قول جي مطابق هن آيتِ ڪريمہ جي معنٰي آهي: اي ايمان وارؤ! ڊڄو ان ڏينهن کان جڏهن توهان هن دنيا کي ڇڏي ڪري آخرت جي طرف روانا ٿي ويندؤ.[1]

هاءِ! اهو ڏينهن جڏهن مَلَڪُ الموت عَلَيهِ السَّلَام تشريف وٺي ايندا، جسم مان روح ڇڪيو ويندو، مسجدن ۾ اعلان ڪيو ويندو: فلاڻو بن فلاڻو رضاءِ الهي سان انتقال ڪري ويو. هاءِ! پوءِ جلدئي غسّال (غسل ڏيڻ واري) کي گهرايو ويندو، غسل ڏئي ڪري ڪفن پارايو ويندو، پوءِ...!! ڏسندي ئي ڏسندي اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو. اي ايمان وارؤ! ڊڄو...! ان ڏينهن کان ڊڄو!...

| | |
|---|---|
| ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن | قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن |
| منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن | اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن |
| ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے |

## حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام سيني ڏسندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! روح قبض ڪرڻ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جي ذمي آهي، پاڻ پنهنجي ذميداري ۾ ٿوري بہ ڪوتاهي ناهن ڪندا. امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام روزانو هر گهر ۾ 5 ڀيرا ۽ هڪ

[1] ... تفسير صراط الجنان،پاره:3، سورۃ بقره،زيرِ آيت :281،جلد:1، صفحه:419 مفہوماً۔

روايت جي مطابق 7 پيرا تشريف ڪٽي ايندا آهن ۽ ڏسندا آهن تہ هتي ڪو اهڙو تہ ناهي جنهن جو روح قبض ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.[1] حضرت ثابت بناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏينهن رات جي 24 ڪلاڪن مان ڪو اهڙو ڪلاڪ ناهي جنهن ۾ هر جاندار جي مٿي تي ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلام بيٺل نہ هجي، جيڪڏهن حڪم هجي تہ ان جو روح قبض ڪري وٺندا آهن، نہ تہ واپس موٽي ويندا آهن.[2]

الله الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيتري عبرت جي ڳالھ آهي، اسان غفلت ۾ پيل آهيون، فضوليات ۾ پيل آهيون، گناهن ۾ مشغول رهندا آهيون، ٻي طرف لذّتن کي مٽائڻ وارو حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلام هر وقت اسان جي تاڙ ۾ آهي يعني اسان موت کان غافل، هن دنيا جي عارضي ۽ فاني زندگي تي مطمئن آهيون جڏهن تہ موت هر وقت اسان جي مٿان بيٺو آهي.

ڪتني بے اعتبار ہے دُنيا
موت کا انتظار ہے دُنيا

گرچہ ظاہِر ميں صُورتِ گل
پر حقيقت ميں خار ہے دُنيا

ايک جھونکے ميں ادھر سے ہے اُدھر
چار دِن کی بہار ہے دُنيا

زندگی نام رکھ ديا کس نے
موت کا انتظار ہے دنيا

## تون ڪلي پيو جڏهن تہ......!!

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، سرڪار مدينہ، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلام ٻانهن جي چهرن کي روزانو 70 ڀيرا ڏسندو آهي، جڏهن ڪو اهڙو ٻانهو کلي رهيو هجي جنهن جو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ ڪيس موڪليو ويو هجي تہ اهو چوندو آهي: ڪيتري عجيب ڳالھ آهي، مون کي ان جو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ موڪليو

[1] ... شرح الصدور،الباب الثالث عشر باب ما جاء فی ملک الموت و اعوانہ ،صفحہ:43 ملتقطًا۔
[2] ... حلية الاولياء،ثابت البنانی،جلد:2 ،صفحہ:370 ،رقم:2604۔

ويو آهي ۽ هي ڪلي رهيو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن | قَبْر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن |
| منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن | اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن |
| ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے |
| یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے | بَن تُو مت انجان آخر موت ہے |
| مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی | عاقل و نادان آخر موت ہے |

## توهان مان ڪوبہ باقي نہ رهندو

حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام روزانو هر گهر ۾ 3 ڀيرا تشريف ڪٺي ايندو آهي، جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو آخري وقت اچي ويو هجي تہ ان جي روح قبض ڪري وٺندو آهي. گهر ۾ ڪهرام مچي ويندو آهي، اهل خانہ روئڻ شروع ٿي ويندا آهن. ان وقت حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام گهر جي دروازي تي بيهي فرمائيندو آهي: اي انسانو! مون توهان جو ڪو ڏوهہ ناهي ڪيو، مون کي تہ الله پاڪ جي طرفان حڪم ڏنو ويو آهي، مون توهان جو رزق ناهي کاڌو، نہ توهان جي زندگي گهٽ ڪئي، نہ وقت کان پهريان روح ڪڍيو، بيشڪ مان توهان جي طرف وري ايندس، وري ايندس، وري ايندس ايستائين جو توهان مان ڪوبہ باقي نہ رهندو.[2]

| | |
|---|---|
| یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے | بَن تُو مت انجان آخر موت ہے |
| مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی | عاقل و نادان آخر موت ہے |
| بارہا عِلمی تجھے سمجھا چکے | مان یا مت مان آخر موت ہے |

[1] ... مسند فردوس، جلد:1، صفحہ:233، حديث:894
[2] ... احياء علوم الدين،كتاب ذكر الموت، الباب الثالث فى سكرات الموت...الخ،جلد:4، صفحہ:567۔

## توهان سان مُردن ۾ اضافو ٿيندو

صحابيِ رسول حضرت معاذ بن جبلرَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام وٽ هڪ نيزو آهي، جيڪو اوڀر ۽ اولهه جي درميان هر هنڌ پهچندو آهي، جڏهن ڪنهن جي زندگي ختم ٿي ويندي آهي ته پاڻ اهو نيزو ان جي متي تي هٽي فرمائيندا آهن: هاڻي توسان مُردن جي لشڪر ۾ اضافو ٿيندو.[1]

| | |
|---|---|
| وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی |
| بس اب اپنے اِس جہل سے تُو نکل بھی | یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی |
| جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |

## ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام جون مختلف شڪلون

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام پنهنجي ذميواري ڪان ٿورڙي به ڪوتاهي ناهن ڪندا، جيڪو ڪين حڪم ٿيندو آهي اهو ئي ڪندا آهن. ڪاش! اسان کي به اهڙي طرح موت جي ياد، موت جي تياري ڪرڻ نصيب فرمائي، يقين ڪيو! جان ڏيڻ، موت کي ڳلي لڳائڻ آسان ناهي، گهڻو مشڪل آهي، افسوس! اسان سيني کي هن مشڪل کان گذرڻو ئي پوندو، ڪنهن صورت ۾ هن کان ڇوٽڪارو نه ٿو ملي سگهندو. صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: جڏهن الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام کي پنهنجو خليل بڻايو ته حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام کين انهي ڳالهه جي خوشخبري ڏيڻ حاضر ٿيا، حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام کي فرمايو: اي ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام مون کي ڏيکاريو ته توهان ڪافرن جي روحن کي ڪيئن قبض ڪندا آهيو؟ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام عرض ڪيو: اوهان پنهنجو رخ ڦيريو! جڏهن (ڪجهه دير ڪان بعد) حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام چهري ڦيري ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلام جي طرف

[1] ... ڪتاب العظمة ، باب صفة ملک الموت ، صفحہ:168 ، حديث :474 ۔

ڏٺو تہ هُو ڪاري رنگ واري انسان جي شڪل ۾ هيو، ان جو مٿو آسمان تائين پڇي رهيو هيو، سندن وات مان باھ جا شعلہ ﭘﮍڪي رهيا هيا ۽ سندن جسم جو هر وار هڪ انسان جي شڪل جي صورت ۾ هيو جنهن جي وات ۽ ڪن مان باھ جا شعلا نڪري رهيا هئا. هي خوفناڪ منظر ڏسي ڪري حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام تي بيهوشي طاري ٿي وئي. ڪجھ دير کان بعد جڏهن هوش آيو تہ حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام فرمايو: اي ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام !! جيڪڏهن ڪافر کي اوهان جي هيءَ صورت ڏسڻ کان علاوه ٻيو ڪو غم يا آزمائش نہ بہ پهچي تہ هي ئي هن جي لاءِ ڪافي آهي. هاڻي مون کي ڏيکاريو تہ توهان مؤمن جو روح ڪيئن ڪيندو آهين؟ حضرت عزرائيل عَلَيهِ السَّلَام وري چهرو ٻي طرف ڪرڻ جو چيو: حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام چهرو ڦيري ڇڏيو، ٿوري دير کان بعد چهرو ڦيري جڏهن ملڪ الموت جي طرف ڏٺو، تہ اڇا ڪپڙا پاتل نهايت خوبصورت نوجوان جي شڪل و صورت ۾ آهن. حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام فرمايو: جيڪڏهن مؤمن پنهنجي موت جي وقت اوهان جي هن صورت کان علاوه ڪا ٻي شيءِ نہ بہ ڏسي سگهي تہ هي ئي ان جي لاءِ ڪافي آهي.[1]

## ملڪ الموت جون 4 شڪلون

حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام جون 4 مختلف شڪلون آهن: (1) : هڪ اها شڪل تہ ان ۾ سندن چهري مان باھ جا شعلہ ﭘﮍڪي رهيا هوندا آهن. (2) ٻي شڪل بلڪل سياھ آهي (3) ٽئين شڪل نهايت سخت ناپسنديده (4) ۽ چوٿين شڪل انتهائي چمڪدار ۽ نوراني.

جڏهن ڪافر جو روح قبض ڪرڻو هوندو آهي تہ ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام پهرين شڪل ۾ ايندا آهن، ان وقت سندن چهري مان باھ جا شعلہ ﭘﮍڪي رهيا هوندا

[1] ... موسوعة ابن ابی الدنيا ، كتاب ذكر الموت،ملک الموت واعوانه ،جلد:5 ،صفحه:467،حديث :242 ملتقطًا۔

آهن، جڏهن ڪنهن گمراهہ بدمذهب جو روح قبض ڪرڻو هجي تہ انتهائي سياهہ چهري ۾ تشريف آڻيندا آهن، جڏهن گنهگار جو روح قبض ڪرڻو هوندو آهي تہ نهايت سخت ۽ ناپسنديده شڪل ۽ صورت ۾ ايندا آهن ۽ جڏهن توبہ ڪرڻ وارن(نيڪ ماڻهن) جا روح قبض ڪرڻا هوندا آهن تہ نوراني چهري سان تشريف ڪٺي ايندا آهن.[1]

## سڪرات جا سخت لمحا

پيارا اسلامي ڀائرو! تصور تہ ڪريو! اهي ڪيترا مشڪل لمحا هوندا، جڏهن مَلَڪ الموت عَلَيه السَّلام ايندو، اسان جا ماءُ پيءُ، رشتيدار، دوست اَحباب ڏسندا ئي رهجي ويندا، نہ ڪنهن پهلوان جي پهلواني ڪم ايندي، نہ ڪنهن مالدار جو مال ئي ان کي ڇڏائي سگهندو، ڊاڪٽرن جا هٿ ٻڌيل رهجي ويندا، سائنسي آلات، وڏيون وڏيون مشينون سڀ جواب ڏئي ڇڏينديون، هڪ جهٽڪي سان رُوح جسم مان ڇڪيو ويندو، ان سان گڏ ئي هڪ آخري هڏڪي ايندي، ساهہ اٽڪي اوچتو بَند ٿي ويندو ۽ بَس...! بينڪ بيلنس، گاڏي بنگلو، ڪاروبار، مال ودولت، سامانِ عيش وعشرت سڀئي بيڪار رهجي ويندو ۽ اسان هميشہ هميشہ جي لاءِ هن فاني دُنيا کي ڇڏي موڪلائي چڪا هونداسين، وري ڪڏهن موٽي هتي نہ ايندا سين.

ڪاش! ڪاش! ڪاش! ڳالهہ ايستائين رهي هان تہ خير هو پر مُعَاملو ايترو بہ آسان ناهي، رُوح نڪرڻ جون تڪليفون بہ آهن...الامان والحفيظ!

حضرت امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: غيبن تي خبردار، سرڪارِ ذي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن موت جي تڪليفن ۽ ان جي نزع ۾ اٽڪڻ جو ذِڪر ڪندي فرمايو: اها تڪليف تلوار جي 300 وار جي برابر آهي.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: آسان ترين موت ڪپهہ ۾ ڦاٿل ڪنڊيدار ٽاري جيان آهي، جڏهن اهڙي ٽاري کي

[1] ... سُلْوَةُ الْعَارِفِين،باب ذکر ملک الموت،جلد:2، صفحہ:212 ـ
[2] ... موسوعہ امام اِبْنِ اَبِی الدُّنيا، کتاب: ذِکْرُ الموت، باب:خوف من اللہ، جلد:5، صفحہ:453، حديث:192

ڪيهه مان ڪڍيو وڃي تہ ڪيهه جا ذرڙا بہ ان سان گڏ ضرور ايندا.[1]

حُجَّةُ الاِسلَام امام محمد بن محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: سڪرات جي تڪليف سڌو سنئون رُوح تي حملو ڪندي آهي، پوءِ اها تڪليف سڄي بدن ۾ ڦهلجي ويندي آهي، هر هر رڳ مان، هر هر جوڙ مان، هر هر وار جي جڙ مان ۽ مٿي ڪان پيرن تائين ڪل جي هر حصي مان رُوح ڇڪي ڪڍيو ويندو آهي، نہ پڇيو اها ڪيتري سخت تڪليف آهي؟ بزرگن تہ ايستائين فرمايو جو موت جي تڪليف تلوار جي وار ڪان، آريءَ جي چيرڻ ڪان ۽ قينچي جي ڪٽڻ ڪان بہ وڌيڪ سخت آهي.[2] امامِ اَوزاعِي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: اسان وٽ هي ڳالهہ پهتي آهي تہ قيامت اچڻ تائين مردو موت جون تڪليفون محسوس ڪندو آهي.[3] الامان والحفيظ! الامان والحفيظ!

| | |
|---|---|
| بوقتِ نزع آقا! ہونہ جاؤں کہیں برباد | مرا ایماں رکھ لینا سلامت یارسُولَ اللہ |
| شَدائدِ نَزع کے کیسے سَہوں گا یارسولَ اللہ | اندھیری قبر میں کیسے رہوں گا یارسولَ اللہ |
| ترے رَبّ کی قسم! میں لائقِ نارِ جہنّم ہوں | بچاسکتی ہے بَس تیری شفاعت یارَسُولَ اللہ |
| فَسادِ نفسِ ظالم سے بچالو ازپئے شَیخَین | کرو شیطان سے میری حفاظت یارسولَ اللہ (4) |

افسوس !اي عاشقانِ رسول !خبر ناهي ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو! موت لمحو بہ لمحو ويجهو اچي رهيو آهي، قبر جي منزل ڏانهن برابر اڳتي سفر جاري آهي، تصور ڪريو تہ اسان ڇڻ وڏي احتياط سان ايمان کي بحفاظت سيني سان سانڍي رکيو آهي، **هڪ پاسي** نفسِ اَمّاره ايمان تي ڪاهہ ڪري رهيو آهي، **ٻي پاسي** شيطان چال بدلي بدلي وار ڪري رهيو آهي، **ٽئين پاسي** بدمذهب ايمان

[1] ... موسوعہ امام اِبْنِ اَبِي الدُّنيا، ڪتاب: ذکرُ الموت، باب: خوف من الله، جلد:5، صفحہ:453، حديث:194
[2] ... احياء العلوم، جلَد:5، صفحہ:511
[3] ... احياء العلوم، جلد:5، صفحہ:515
[4] ... وسائلِ بخشش ،صفحہ:328-332۔

تي ڏاڙهو هٽڻ ۾ مصروف آهن تہ **چوٿين پاسي** دُنيا جي اجائي محبت ايمان جي لاءِ آزمائش آهي! يعني ايئن سمجهو تہ ڪو هٿ مروڙي رهيو آهي، ڪو تنگ چِڪي رهيو آهي، ڪو مُڪو هڻي رهيو آهي، ڪو لتون هڻي رهيو آهي، هر هڪ پُورو زور لڳائي رهيو آهي تہ ڪنهن نموني اسان کان ايمان کسجي وڃي، هاءِ! هن حالت ۾ ايمان جي دولت کي سلامت کڻي قبر ۾ ڪيئن داخِل ٿينداسين[1] !!...

| | |
|---|---|
| راہ پُر خار ہے، کیا ہونا ہے؟ | پاؤں افگار ہے، کیا ہونا ہے؟ |
| دُور جانا ہے رہادِن تھوڑا | راہ دُشوار ہے کیا ہونا ہے؟ |
| ہائے رے نیند مسافِر تیری | کُوچ تیار ہے، کیا ہونا ہے؟ |
| ارے اَو مجرِم بے پرواہ دیکھ | سَر پہ تلوار ہے کیا ہونا ہے؟(2) |

وضاحت! افسوس! آخرت جو اهو خطرناڪ سفر، سڪرات جون تڪليفون، قبر جون سختيون، ميدانِ محشر جون هولناڪيون، پلصراط جي دهشت..!! افسوس! نهايت ڪنڊيدار رستو آهي ۽ اسان گنهگار....!! افسوس چا ٻڌبو؟ سفر ڏکو آهي، وقت ٿورو رهجي ويو آهي، رستو نهايت مشڪل آهي، افسوس! اي غافل انسان..!! تنهنجي غفلت! موت بس اچڻ وارو آهي ۽ تون غفلت ۾ آهين، اري او بي پرواهہ او مجرم! ڏس تہ موت جي تلوار هر وقت مٿي تي لٽڪي رهي آهي...!! چا ٿيندو.

الله ربّ العزت پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان تي سڪرات جون ڪيفيتون آسان فرمائي. ڪاش! جڏهن آخري وقت مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ڪرم فرمائيندي پنهنجي گنهگار جي مٿن ڪان تشريف کڻي اچن، ڪاش! پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ جلوه ڏسندي، ديدار جا جام پيئندي بلڪل

[1] ... ڪفريہ ڪلمات کے بارے میں سوال جواب، صفحہ:10 بتغير قليل۔

[2]...حدائق بخشش، صفحہ:166۔

نرمي سان روح ايئن نڪري وڃي جو خبر بہ نہ پئي.

## سڪرات ۾ آساني ڪيئن ملي....؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي گنهگارن جو حال آهي، باقي جيڪي نيڪ ماڻهو آهن، ڪامل ايمان وارا آهن، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ۾ زندگي گذارڻ وارا آهن، حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام انهن سان نهايت نرمي سان پيش ايندا آهن. جيئن تہ معجم ڪبير جي روايت آهي، هڪ ڀيرو پيارا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ انصاري صحابي وٽ تشريف کڻي آيا تہ ان وٽ حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام بيٺل ڏسي فرمايائون: اي ملڪ الموت! منهنجي صحابي سان نرمي ۽ شفقت سان پيش اچجو ڇوتہ اهو مومن آهي. ملڪ الموت عرض ڪيو: يارسولصَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان خوش رهو ۽ اوهان جون اکيون ٺڏيو ٿين، مان اوهان تي ايمان آڻڻ واري هرشخص سان نرمي ۽ شفقت سان پيش ايندس.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ جيڪي ڪلمو پڙهن ٿا، ٻنهي جهانن جي محبوب، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامي جي دعويٰ ڪن ٿا، اهي خوش نصيب جيڪي ڪامل اِيمان وارا آهن يعني دل ۾ ايمان بہ رکن ٿا ۽ ايمان جي تقاضائن تي بہ عمل ڪن ٿا مثلاً گناهن کان بہ بچن ٿا، نمازون بہ پڙهن ٿا، ٻيا نيڪ ڪم بہ ڪن ٿا، سڪرات جي وقت اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! انهن تي آساني ڪئي ويندي.

## نمازين جي فضيلت

روايت ۾ آهي: ملڪ الموت پنج ئي نمازن جي وقت ماڻهن کي غور سان ڏسندا آهن، پوءِ جڏهن روح ڪڍڻ ايندا آهن تہ جيڪڏهن انسان 5 وقت جو پڪو نمازي هجي تہ ان جي ويجهو ٿي ويندو آهي. شيطان ان کان پري ٿي ويندو آهي

[1] ... معجم کبیر، جلد:3، صفحہ:102، حدیث:4075۔

۽ حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام پاڻ ان کي ڪلمو پڙهڻ جي تلقين فرمائيندو آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! نمازين جو ﺑہ ڇا ﺗہ نرالو شان آهي.

ہر عبادت سے برتر عبادت نماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز

قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صحت نماز

نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ
ربّ سے دِلوائے گی تم کو جنّت نماز

بھائیو! گر خُدا کی رضا چاہیے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز

ہو گی دُنیا خراب، آخرت بھی خراب
بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز

بے نمازی جہنّم کا حقدار ہے
بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز

دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا
بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز

یاخُدا تجھ سے عطّار کی ہے دُعا
مصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نماز[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڪرات جي وقت آساني ڏيارڻ وارا عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيا ﺑہ ڪوڙ اعمال آهن جيڪي سڪرات جي وقت آساني جو سبب بڻجندا آهن. مثلاً ❁جيڪو درود پاڪ جي ڪثرت ڪندو آهي، حضرت ملڪ الموت عَلَيهِ السَّلَام سڪرات جي وقت ان تي آساني فرمائيندو آهي.[3] ❁ ايئن ئي جيڪو مسواڪ شريف جي سنت تي عمل ڪرڻ وارو هجي، ان تي ﺑہ سڪرات ۾ آسان

[1] ... معجمِ کبیر ،جلد:3 ،صفحہ:102 ،حدیث:4075۔
[2] ... وسائلِ فردوس،صفحہ:22 - 23 ملتقطًا۔
[3] .... سعادۃ الدارین،الباب الرابع فیما ورد من لطائف المرائی ... الخ،اللطیفۃ السادسۃ ،صفحہ:124 ماخوذًا

ڪئي ويندي آهي[1] ❁ روايتن جي مطابق جيڪو باوضو رهندو آهي موت جون سختيون ان تي آسان ڪئي وينديون آهن.[2] ❁ انهي طرح والدين سان حسن سلوڪ جي برڪت سان.[3] ❁ صله رحمي ڪرڻ (يعني رشتيدارن سان ڀلائي) جي برڪت سان ❁ صدقه فطر ادا ڪرڻ .[4] ❁ راهِ خدا ۾ صدقو ۽ خيرات ڪندو رهڻ[5] ۽ ❁ نيڪ اعمال جي برڪت سان سڪرات جي وقت آسان ڪئي ويندي آهي.

الله ڪريم اسان سڀني کي سڪرات جي وقت، قبر ۾، حشر ۾ آسانيون نصيب فرمائي، ڪاش! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي بنا حساب و ڪتاب جنت ۾ داخلا نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

اي عاشقانِ رسول! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: "فجر جي لاءِ جاڳائڻ" ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي سان وابسته ڪثير عاشقانِ رسول هن مبارڪ سُنَّت تي عَمَل جي سَعَادت حاصِل ڪن ٿا، اوهان به پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنَّت تي عَمَل ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

---

[1] ... وضو کا طریقہ ،صفحہ:6۔
[2] ... قُرّۃ العیون و مفرح القلب المحزون،الباب الاول فی عقوبۃ تارک الصلاۃ،صفحہ:2 ماخوذاً۔
[3] ... قُرّۃ العیون و مفرح القلب المحزون،الباب الثامن فی عقوبۃ قاتل النفس ...الخ ،صفحہ:20ماخوذاً۔
[4] ... المبسوط للرخسی، کتاب الزکاۃ، باب صدقۃ الفطر، جز:3 ،جلد:2،صفحہ:114
[5] ... احیاء علوم الدین،کتاب ذکر الموت،الباب الخامس فی کلام المحتضرین...الخ،جلد:4 ،صفحہ:585ماخوذاً۔

## ڪلمي شريف جو ورد ڪرڻ لڳو

ضلعو اوڪاڙه (پنجاب) جي شهر دِيپالپور جي اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته منهنجا چاچا محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ها. ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح جلدي بيدار ٿي پري پري تائين ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندا ها. ان عادت جي ڪري هو "ديپالپور" ۾ مشهور ها. هڪ ڀيري فيصل آباد کان گهر موٽي رهيا ها. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي روڪي نمازِ عشاء ادا ڪئي، پوءِ اڳتي روانو ٿيا، گاڏي تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي ته اوچتو چاچي محمد رفيق عطاري بلند آواز سان ڪلمو پاڪ پڙهيو ۽ فرمايو سڀ ڪلمو پڙهو. سڀني ڪلِمي شريف جو ورد شروع ڪيو، اڃا ڪجهه ئي دير گذري هئي جو گاڏي کي اوچتو هڪ زور دار جهٽڪو لڳو ۽ کائي ۾ ڪري پئي. ٻيا ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر چاچي کي شديد زخم رسيا، شديد تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي بلند آواز سان ڪلمو شريف جاري هو ۽ ما شَآءَ الله! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا

فضل و کرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (Prayer Times) جاري ڪئي آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن به مقام جي اوقات ۽ سمتِ قبله

معلوم ڪري سگھجن ٿا ۞ هن ڪان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ۞ اذڪار (روحاني علاج) ۞مدني چينل ريڊيو ۞نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَ مَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## گھٽ کائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامينِ مصطفي صلّى الله عليه وآلهٖ وسلّم: (1): جڏهن ٻانهو گھٽ کائيندو آهي، ان جو باطن نور سان پرجي ويندو آهي.[2] (2): جيڪو دُنيا ۾ گھٽ کائي، گھٽ پيئي، الله پاڪ ملائڪن اڳيان ان تي فخر فرمائيندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! گھٽ کائڻ سُنَّت آهي. ۞ اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بک کان گھٽ کائيندا هئا، ۞ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيستائين دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن لاڳيتو ٻه راتيون پيٽ

---

[1] ... تاريخ مدينہ ودمشق ،جلد:9، صفحہ:343۔
[2] ... جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469
[3] ... لباب الاحياء،الباب الثالث و العشرون،صفحہ:203۔

پري نہ ڪاڏائون ❁ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُک سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

**ڪائڻ جي مِقدار بابت اَحڪام:** ❁ بک رکي ڪائڻ سُنت آهي ❁ جيتري بک آهي، اوترو ڪائڻ مُبَاح آهي (يعني هن ۾ نہ گُناه، نہ ثواب) ❁ پيٽ پري ايترو ڪائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان ٿئي، حرام آهي ❁ پيٽ پري ايترو ڪائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي، مڪروه آهي ❁ غِذَا ۾ ايتري ڪمي ڪرڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد: 3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو
خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] ... بہارِ شَرِيْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374 ملخصًا ۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهٴ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البدیع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغیب والترهیب، ج 2، ص 329، حدیث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455